# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1984
# سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SIND AGRICULTURE UNIVERISTY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ V مجريه 1977 جي دفعه 36 ۾ ترميم

Amendment of Section 36 of Sind Act of 1977

3. سنڌ ايڪٽ V مجريه 1977 جي دفعه 45 ۾ ترميم

Amendment of Section 45 of Sind Act of 1977

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1984
# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1984
# سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984
# THE SIND AGRICULTURE UNIVERISTY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي، ايڪٽ ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٽ، 1977 ۾ ڪجھ ترميمن ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

ان ڪري هن ايڪٽ جي ذريعي سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٽ ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن ڪي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

| | |
|---|---|
| سنڌ ايڪٽ Vمجريہ 1977 جي دفعہ 36 ۾ ترميم<br>Amendment of Section 36 of Sind Act of 1977 | 2. سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٽ 1977 کي، جنهن کي بعد ۾ بہ ايڪٽ سڏيو ويندو. هن جي دفعہ 36 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ ايندڙ فل اسٽاپ جي جاءِ تي ڪولن لکيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ بعد ۾ هيٺين شرطيہ بيان کي شامل ڪيو ويندو.<br>نظرثاني يا اپيل جو ڪو حڪم تيستائين نہ ڏنو ويندو جيستائين درخواست گذار کي ٻڌڻ جو موقعو نہ ملي. |
| سنڌ ايڪٽ V مجريہ 1977 جي دفعہ 45 ۾ ترميم<br>Amendment of Section 45 of Sind Act of 1977 | 3. هن ايڪٽ جي دفعہ 45 ۾ ”لفظن ۾ ڪيل“ ۽ ”تحت“ جي وچ وارن لفظن ”سٺي نيت سان“ جو اضافو ڪيو ويندو. |

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**